# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 2016

# SINDH ACT NO.II OF 2016

# سنڌ ڪرمنل پروسيڪيوشن سروس (جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار) (ترميم) ايڪٽ، 2015

# THE SINDH CRIMINAL PROSECUTION SERVICE (CONSTITUTION, FUNCTIONS AND POWERS) (AMENDMENT) ACT, 2015

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات

Sections

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IX جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of Sindh Act No.IX of 2010

3. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IX جي دفعہ 4 جي ترميم

Amendment of Section 4 of Sindh Act No.IX of 2010

4. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IX جي دفعہ 8 جي ترميم

Amendment of Section 8 of Sindh Act No.IX of 2010

5. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IX جي دفعہ 9 جي ترميم

Amendment of Section 9 of Sindh Act No.IX of 2010

6. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IX جي دفعه 9 جي ترميم

Amendment of Section 9 of Sindh Act No.IX of 2010

7. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IX جي دفعه 6 جي ترميم

Amendment of Section 6 of Sindh Act No.IX of 2010

8. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IX ۾ نئين دفعه 9_A جي شموليت

Insertion of new section 9_A of Sindh Act No.IX of 2010

9. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IX جي دفعه 11 جي ترميم

Amendment of Section 11 of Sindh Act No.IX of 2010

10. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IX جي دفعه 14 جي ترميم

Amendment of Section 14 of Sindh Act No.IX of 2010

11. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IX ۾ دفعه 18 جو واڌارو

Addition of section 18 in Sindh Act No.IX of 2010

# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 2016

# SINDH ACT NO.II OF 2016

# سنڌ ڪرمنل پروسيڪيوشن سروس (جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار) (ترميم) ايڪٽ، 2015

# THE SINDH CRIMINAL PROSECUTION SERVICE (CONSTITUTION, FUNCTIONS AND POWERS) (AMENDMENT) ACT, 2015

[4 فيبروري 2016]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ڪرمنل پروسيڪيوشن سروس (جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار) ايڪٽ، 2009 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ڪرمنل پروسيڪيوشن سروس (جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار) ايڪٽ، 2009 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1)هن ايڪٽ کي سنڌ ڪرمنل پروسيڪيوشن سروس (جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار) (ترميم) ايڪٽ، 2015 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IX جي دفعه 2

2.سنڌ ڪرمنل پروسيڪيوشن سروس (جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار) ايڪٽ، 2009 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ چاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو،

جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Act No.IX of 2010

ان جي دفعہ 2 ۾:

(i)ذيلي دفعہ (1) ۾:

(a)شق (b) ۾، سيمي ڪولن کانپوءِ لفظ "۽ جڊيشل ڊسٽرڪٽ" شامل ڪيا ويندا؛

(b)شق (i) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

(ii)ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظ "آرڊر" لاءِ لفظ "پوليس ايڪٽ 1861" متبادل بڻايا ويندا.

2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IX جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act No.IX of 2010

3.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 4 ۾، لفظن "اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽرز" کانپوءِ لفظ "۽ ڪو ٻيو پبلڪ پراسيڪيوٽر" شامل ڪيا ويندا.

2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IX جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of Section 8 of Sindh Act No.IX of 2010

4.ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 5 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"5.(1)حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ کي يقيني بڻائڻ لاءِ سروس تي عام نظرداري رکندي.

(2)سروس جو انتظام پراسيڪيوٽر جنرل وٽ هوندو.

(3)پراسيڪيوٽرز ۽ سروس جا ٻيا سمورا ميمبرز پراسيڪيوٽر جنرل جي ضابطي ۽ نظرداري هيٺ پنهنجا ڪم سرانجام ڏيندا.

(4)ذيلي دفعہ (2) تحت ضلعي اندر سمورا پراسيڪيوٽرز ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر جي نظرداري هيٺ ڪم ڪندا.

(5)پراسيڪيوٽر جنرل کي ڪنهن بہ پراسيڪيوٽر ۽ سروس جي ميمبرز کي ڪم سونپڻ ۽ بدلي ۽ مقرري جو حڪم جاري ڪرڻ جو اختيار حاصل هوندو."

5.چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 6 ۾:

(i)ذيلي دفعہ (4) ۾، لفظن "پنهنجي عهدي جي مدي دوران" کي ختم ڪيو ويندو.

(ii)ذيلي دفعہ (5) کي ختم ڪيو ويندو ۽ ذيلي دفعات (6) ۽ (7) کي ذيلي دفعہ (5) ۽ ذيلي دفعہ (6) طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو؛

(iii)ٻيهر نمبر ڏنل ذيلي دفعہ (6) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"(6)پراسيڪيوٽر جنرل پنهنجا ڪي بہ اختيار يا ڪم ڪنهن پراسيڪيوٽر يا سروس جي عملدار کي سونپي سگهي ٿو."

2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IX جي دفعہ 9 جي ترميم

Amendment of Section 9 of Sindh Act No.IX of 2010

6.چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ(1) ۾، لفظن "يا ٻي ڪنهن اسپيشل ڪورٽ" لاءِ ڪاما ۽ لفظ "اسپيشل ڪورٽ، ٽربيونل، لوئر ڪورٽ يا ٻي ڪا ڪورٽ" متبادل هوندا.

2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IX جي دفعہ 9 جي ترميم

Amendment of Section 9 of Sindh Act No.IX of 2010

7.چاڙهايل ايڪٽ ۾، دفعہ 9 ڪانپوءِ:

(i)ذيلي دفعہ (1) ڪانپوءِ هيٺين نئين ذيلي دفعہ (1_A) شامل ڪئي ويندي:

"(1_A)پراسيڪيوٽر جنرل يا سندس طرفان بااختيار بڻايل ڪو پراسيڪيوٽر سپريم ڪورٽ، هاءِ ڪورٽ، وفاقي شرعي ڪورٽ يا اسپيشل ڪورٽ، وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون تحت قائم ڪيل ٽربيونل ۾ پراسيڪيوٽرز ۾ ڪم ورهائيندو.

(ii)ذيلي دفعہ (6) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"(6)پراسيڪيوٽر ڪوڊ جي دفعہ 173 تحت رپورٽ عدالت ڏانهن اماڻي سگهي ٿو ۽ ڪيس جي حقيقتن ۽ حالتن موجب سمورن يا

2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IX جي دفعہ 6 جي ترميم

Amendment of Section 6 of Sindh Act No.IX of 2010

ڪنهن الزام هيٺ آيل خلاف ڏوهہ جي لاڳو ٿيڻ جي رپورٽ عدالت کي اماڻي سگهي ٿو.”.

2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IX ۾ نئين دفعہ 9_A جي شموليت
Insertion of new section 9_A of Sindh Act No.IX of 2010

8.دفعہ 9 کانپوءِ هيٺيون نئون دفعہ 9_A شامل ڪيو ويندو:

“9_A. (1) پراسيڪيوٽر جنرل موثر ۽ باصلاحيت پراسيڪيوشن لاءِ جاچ لاءِ ذميدار پراسيڪيوٽرز يا عملدارن کي عام گائيڊ لائينز جاري ڪري سگهي ٿو.

(2)پراسيڪيوٽر جنرل يا ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر مجاز اختياري کي وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون تحت انتظامي ڪارروائي شروع ڪرڻ جو چئي سگهي ٿو تہ جيئن جاچ يا پراسيڪيوشن ۾ ڪم ڪندڙ ڪنهن سرڪاري ملازم خلاف سندس طرفان پراسيڪيوشن کان متانهين ڪنهن عمل يا قدم خلاف انتظامي ڪارروائي ڪري سگهجي.

(3)هڪ پراسڪيوٽر ڪري سگهي ٿو:

(a)دفعہ 9 ۾ ڄاڻايل سمورا يا ڪي اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو؛

(b)ڪنهن جاچ سان لاڳاپيل قانون لاڳو ڪندڙ ايجنسي جي ڪنهن عملدار کان مخصوص وقت اندر رپورٽ طلب ڪري سگهي ٿو؛

(c)ڪنهن قانون لاڳو ڪندڙ ايجنسي کان مخصوص وقت اندر رڪارڊ يا ٻيو ڪو دستاويز طلب ڪري سگهي ٿو ۽، جيڪڏهن ضروري هجي، ڪنهن ٻي سرڪاري کاتي يا ايجنسي کان جيئن پراسيڪيوشن جي مقصدن لاءِ ضروري هجي؛

(d)اهڙا ڪم سرانجام ڏئي سگهي ٿو ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو جيڪي ڪوڊ تحت ۽ وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون تحت ڪيس سونپيا ويا هجن؛

(e)عدالت جي راضپي سان ڪنهن شخص عام طور تي يا ڪنهن هڪ يا وڌيڪ ڏوهن لاءِ ٽرائل هيٺ شخص جي پراسيڪيوشن تان هٿ

ڪڍي سگهي ٿو، اڳواٽ منظوري وٺڻ کانپوءِ:

(i) ڊسٽرڪٽ پراسيڪيوٽر، جتي ڏوهه ٽن سالن تائين سزا لائق هجي؛

(ii) پراسيڪيوٽر جنرل، جتي ڏوهه ست سالن تائين سزا لائق هجي؛ ۽

(iii) حڪومت، سمورن ڏوهن ۾ ۽ ڏوهه جيڪي اسپيشل ڪورٽس طرفان هلائڻ جوڳا هجن ۽ فيصلو جاري ٿيڻ کان اڳ هاءِ ڪورٽ جي ماتحت ڪنهن ٽرائل ڪورٽ سامهون پڌڻي هيٺ ڪنهن به موقعي تي، پراسيڪيوٽر جنرل يا سندس طرفان خاص طور تي بااختيار بڻايل پراسيڪيوٽر، لکت ۾ سبب ڄاڻائڻ بعد، حڪومت جي طرفان عدالت کي آگاهه ڪري سگهي ٿو ته پراسيڪيوٽر لڳايل الزام تي الزام هيٺ آيل جو ڪيس نه وڙهندو ۽ ان سلسلي ۾ الزام هيٺ آيل خلاف سموريون ڪارروايون موجود رهنديون ۽ هي ڊسچارج ڪيو ويندو ۽ ساڳئي کان:

بشرطيڪ اهڙي ڊسچارج اڪويٽل نه ٿيندي جيستائين عدالت ٻي صورت ۾ هدايت نه ڪري.

| | |
|---|---|
| 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IX جي دفعه 11 جي ترميم<br>Amendment of Section 11 of Sindh Act No.IX of 2010 | 9.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 11 جي ذيلي دفعه (8) ۾، شق (d) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>"(d) اهڙيون ٻيون ذميداريون سرانجام ڏيندو جيڪي هن ايڪٽ تحت پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ طرفان ڪيس سونپيون وڃن." |
| 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IX جي دفعه 14 جي ترميم<br>Amendment of | 10.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 14 ۾، لفظن "سروس جو ميمبر" کانپوءِ لفظ "سواءِ پراسيڪيوٽر جنرل جي" شامل ڪيا ويندا. |

| | |
|---|---|
| Section 14 of Sindh Act No.IX of 2010 | |
| 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IX ۾ دفعه 18 جو واڌارو<br>Addition of section 18 in Sindh Act No.IX of 2010 | 11.ڇاڇٽايل ايڪٽ ۾، دفعه 17 کانپوءِ هيٺين نئين دفعه شامل ڪئي ويندي:<br>"18.ايڪٽ جيڪو ٻين قانونن کي اوور رائيڊ ڪندو. هن ايڪٽ جون گنجائشون تيستائين موثر هونديون جيستائين اهي وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي متضاد نه هجن."<br><br>**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |